الصلوٰۃ والسلام علیک یا رسول اللہ
محمد
البشریٰ
لمن احتفل
بمیلاد مصطفیٰ
صلی اللہ علیہ وسلم
Al-Qasimia Academy
Dargah Aulia Huzart Mashori Sharief Larkana.

البشریٰ لمن احتفل بمیلاد المصطفیٰ
صلي اللّٰہ علیہ وآلہ وسلم

جناب فیض مآب فقیہ الدھر محبوب العصر
تاج المفسرین شمس المحدثین
مفتي اعظم پاکستان
صاحب الشریعت پیر طریقت قبلہ الحاج
سیدي مرشدي

محمد قاسم مشوري

قدس سرہ الاقدس

کمپوز
داکٹر محمد حنیف مشوري
درگاہ عالیہ حضرت مشوري شریف
ضلع لاڑکاڻو، سنڌ پاکستان
http://www.qasimia.org/
email: qasimia@qasimia.org

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

قال تعالیٰ : {واما بنعمة ربک فحدث}صدق الله العظیم الحمد لله والمنة

والصلاة والسلام علیٰ خیر المرسلین رحمة للعالمین وعلیٰ آلہ و صحبہ المیامین

هي رسالو نرالو محافل میلاد خیر العباد صلي الله علیہ وآلہ وسلم

بابت تحقیقات شرعیہ جو حامل تدقیقات مرضیہ تي مشتمل مسمیٰ بہ

بِسمِ اللّٰہِ الرَّحمٰنِ الرَّحیمِ

البشریٰ لمن احتفل بمیلاد المصطفیٰ

صلي الله علیہ وآلہ وسلم

تالیف

جناب حضرت قبلہ مفتي اعظم

محمد قاسم مشوري

مدظلہ العالي

بِسمِ اللّٰہِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ

الحمد للّٰہ العلي الوهاب والصلواۃ والسلام علي رسولہ النبي الصفي الامي الناطق بالحق والصواب وعلي آلہ واصحابہ واحبابہ واتباعہ واشياعہ لي يوم يقوم الحساب.

امابعد هڪ تحرير بعض اهل علم جي هن فقير تصحيح لاءِ درپيش ٿي هئي. جنهن ۾ سوال هيو تہ هڪ شخص ٻارهين مهيني خيرات ڪندو آهي. ان دستور موجب طعام تيار ڪري مسجد شريف ۾ آندائين ۽ چيائين تہ نالي الله پاڪ عزاسمہ جي ۽ نيت پير دستگير قدس سره ۽ مولانا مولوي غلام صديق قدس سره جي ختمہ ڇئو. "هاڻي اها خيرات ناجائز ۽ طعام حرام ڇئبو ڇا؟" مولوي محرر صاحب جواز جي فتویٰ لکي ۽ هن فقير بہ مختصر ڪلام ۾ هڪ بہ دليل لکي سندس تائيد ۽ تصحيح ڪئي. ان تي هڪ

ديوبندي مولوي صاحب کي الائي کھڙا ونئي خيال اٿيا جو ڪُجھ مدت کان بعد انھي سنئين سڌي ڳالھ تي اچي جوش ڪاڏائين ۽ مٿئين سوال تي ڪلام ھلائڻ بدران پنھنجو ھتراڌو سال ناھي چوھ چنديا اٿس تہ اڄوڪا علماءَ ختمہ حق ٽا ڪن. اھڙا آھن تھڙا آھن. سندس انھي طويل مضمون غيظ و غضب مشحون شور و شغب مقرون مان ايترو تہ ثابت آھي تہ مولوي محرر جي لکيل سوال جي حقيقت موجب پاڻ بہ انھي خيرات جي حلت جو قائل آھي. مگر سندس سوال ۾ اضافہ ڪيل قيود جيئن تہ خيرات مقرره ڳسڻ کان پريشان ٿيڻ ۽ قدرتي نقصان کي حضرت محبوب سبحاني جو ناراضپو سمجھڻ يا حضرت پير قدس سره جي نالي ٻاري مشھور ڪرڻ کي حرمت جو باعث سمجھي ٿو. پر اخلاقي جرائت جي قصور ڪري صاف طرح اقرار نٿو ڪري تہ مولوي محرر جي لکيل سوال موجب حرمت جو ڪو وجھ ڪونھي. وري اڳتي ھلي "مالہ علي الارض من قرار" جي مصداق تي تلون ۽

عدم تثبت ڏيکاريندي ڪڏهن ”يارهين ۽ عرس“ کي تاريخ جي مقررائي خير القرون ۾ ثابت نہ هوئڻ پاران مڪروه چيو اٿس. جنهنڪري پنهنجي برادري جي جي سربرآورده افراد اڳيان شرمسار بلڪ جوابدار ٿيڻو پوندس، جي تعين تاريخ کي حرمت جو مستلزم سمجهندا آهن، ۽ ڪڏهن وري گهر سنڀالي ”ڪل بدعة ضلالة“ جي جملہ مان ڪلية ڪبریٰ ڏانهن اشارو ڪندي حرمت تي جزم رکيو اٿس. انهي کي ئي تائيد تو ڏئي سندس اڳتي هلي لکڻ تہ ”تڏهن هي ناثابت ڪم لازم ۽ واجب سمجهڻ چونہ شيطان جو حصہ منهي عنہ (حرام) ٿئي اهـ.“
بلفظ چشم بد دور! ساڳو ڪم اتي ئي مڪروه تہ وري اتي ئي حرام ۽ شرڪ ڪفر کي مستلزم ۽ در حقيقت ثابت سيپئي تہ:

نہ ٹھیک ان کی هرگز کوئی بات سمجھو
جو دن کو کہیں دن تو تم رات سمجھو

هن حال موجب سندس ڪلام بي نظام جي تعقيب يا تزيف لاءِ ڪنهن بہ اهل علم ڪي متوجہ ٿيڻ جي ضرورت نہ هئي. مگر هن خيال ڪري متان معترض مغرور ٿي مخاطب جي سڪوت مان پنهنجي مزخرفات جي صواب لاجواب هجڻ جو وهم دل ۾ آڻي، يا وري عوام ڪالانعام ڪي انهي تقرير پر تزوير سان مغالطہ ڏنو وڃي. هي مختصر مقالہ بصورت رسالہ قلمبند ڪري حسبة للّٰه حق جو اظهار ڪيو وڃي ٿو. جو اميد تہ لاڪس بہ مفيد ٿيندو. نہ تہ ڪن ٻين منصف مزاج حق جي طالبن لاءِ اطمينان جان جو باعث ٿيندو.

فاقول وعلىٰ فضلہ تعالىٰ تقدس اعول وبحولہ وقوتہ اصول و احول مستمدا من حضرت الرسول المقبول عليہ وعلىٰ آلہ افضل الصلواة والتسليمات عدد النساءِ والفحول.

قال المحرر في ترصيف تحريره و تصنيف تقريره، يارهين پيران پير رحمة اللّٰه تعالىٰ عليہ خواه عرس ڪنهن بزرگ جي تاريخ جي مقررائي الىٰ قولہ،

مڪروھ آھي. جيئن مولانا عبدالحئي نصاب الاحتساب کان نقل ڪيو اٿس.

اقول: اھڙين عبارتن مان اوھان ڪي ڪھڙو فائدو؟ ۽ مولوي محرر ڪي ڪھڙو ضرر؟

مولوي موصوف انھي مقررائي ڪي واجب ۽ لازم اعتقاد ڪرڻ لاءِ ڪٿي بہ حڪم ڪونہ ڪيو آھي. باقي تعين ڪي ڪراھت يا حرمت جو مستلزم نہ سمجھيو اٿس. سا ڳالھ آھي بہ واقعي. فتاوىٰ مولانا عبدالحئي ۾ "ضروري انگشتن" جو قيد اضافہ ڪري ڪري تعين ڪي واجب ڪرڻ ڪراھت لکڪيو اٿس، نہ نفس ڪي. فتاوىٰ عزيزہ جي نقل ڪيل عبارت پاڻ اوھان جي ھدايت لاءِ ڪافي وافي آھي. پر غور ڪرڻ جي اوھان جي فرقہ ۾ عادت نہ ٿي آھي. شاھ عاليجاہ جعل الجنة مثاہ جا لفظ پڙھي ڏس:-

وروز عرس برائي ياد دھانيدن وقت دعائي برائي ميت اگر باشد مضائقہ ندارد. وليڪن التزام آن روز بدعت ست ازان قبيل ڪہ گذشت.اھ. يعني ميت لاءِ دعا جي

وقت ياد ڏيارڻ واسطي ڪوبہ عرس جو ڏينهن مقرر ڪرڻ ممنوع نہ آهي. پر انجو التزام اهڙي قسم جي بدعت آهي جنهن جو بيان گذريو.اهـ

ٻڌايو تہ تعين جي التزام ۽ واجب سمجهڻ کي بدعت سڏيو ويو يا نفس تعين کي؟

بوڙي کي ملي جهٽڪ تہ سمجهي شابس. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ ختمہ جو ڏينهن دعا جي يادگيري لاءِ جائز آهي، ۽ اوهان وري سمجهو تہ ڏينهن جو متعين ڪرڻ بدعت نہ بلڪ حرام ۽ شرڪ آهي. ۽ اهو "ازان قبيل ڪ گذشت" جو اشارو بہ سمجهين ٿو تہ ڪاڏي آهي؟

مٿان پڙهي ڏس تہ "اصلش جائز ست" جنهن مان پاڻ عرس وغيره جي بدعت حسنہ هجڻ تي دليل قائم ڪري رهيو آهي. اوهان وري دل ۾ خوش تہ حرمت جي صحيح سند.

تروح العطار تبغي شبابها
وهل يصلح العطار ما افسد الدهر

مولوي صاحب! حقيقت ۾ تعينات عاديہ کي تعينات شرعيہ تي حمل ڪرڻ ئي اوهان جي بنيادي غلطي آهي. جنهن تي اوهان جي تفريعات جي ديوار ڪج ”تابہ ثريا“ تي وڃي تہ بہ ڍهي ڍهي ٿي پوي. انهن ٻنهي ۾ مابہ الفرق هي آهي تہ تعين شرعينص شارع جي ضرورت آهي، ۽ وقت متعين کان تقديم تاخير ناجائز. جيئن وتر لاءِ وقت عشاءَ ۽ اضحىٰ لاءِ ايام نحر يا حج لاءِ اشهر الحج، باقي تعين عادي لاءِ نہ نص جي ضرورت تہ تقديم تاخير ۾ ڪو حرج. بلڪ شرع طرفان علي الاطلاق جاره هوندو آهي تہ ڪنهن بہ وقت ان تي عمل ڪجي تہ روا آهي. مگر مطلق جو وجود مقيد کان سواءِ خارج ۾ ليڻ محال آهي. پوءِ باوجوديڪ مطلق جا سڀ افراد اجاره ۾ علىٰ سبيل البدلية مستوي آهن. پر ڪنهن مصلحت يا سهولت لاءِ ڪنهن هڪ وقت مقرر کي متعين ڪيو وڃي تہ منع جي خاص نص ملڻ کان سواءِ ان ۾ ڪو حرج ڪون آهي. جوتہ انهي تعين کانپوءِ بہ هي زمان مطلق زمان

جو فرد آهي. باقي انهي معين زمان تي صحتہ بطلان، يا حلة حرمت، يا ثراب عقاب جو مدار هوندو ئي نہ آهي. فقط ڪن مصلحتن ۽ سهولتن خاطر اهو تعين وجود ۾ ايندو آهي. وليمہ جي طعام مسنون لاءِ تعين، يا عقيقہ لاءِ وقت جو تقرر يا عرس ۽ يارهين جي خيرات لاءِ تاريخ جو تعين يا ميت جي ايصال ثواب لاءِ ٽيجهي جمعي يا چاليهي جو وقت مقرر ڪرڻ اهڙن تعينات عاديہ جا شريعت ۾ هزراها مثال آهن جن مان ڪن جو بيان اڳتي ايندو.

ومنها تعين انشاءً السفر لاجهاد يوم الخميس كما ورد في الخبر الصحيح وتعين يوم الاثنين لطلب العلم كما رواه الديلمي وابن حبان عن ابن مالك رضي الله تعالىٰ عنہ وتعين بدايتہ الدرس يوم للربعہ كما روي ذالك عن ابي حنيفة رحمة الله تعالىٰ ورضي عنہ وامثال ذالك.اه.

پلا جيڪڏهن اوهان صاحبن ڪي حضرت شاه صاحب وغيره کان آندل عبارتن جي استناد ۽ اعتماد ۾ پڪو

اعتقاد آهي تہ اچو تہ اعتقاد و لزوم جي ڪراهت ۾ اسان بہ اوهان سان شامل ٿيون. ڇا بغير اعتقاد لزوم تعين جي اوهان بہ يارهين جي خيرات ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا؟ جي نہ تہ تقيہ لاءِ انهن عبارتن پيش ڪرڻ مان ڪهڙو نفعو؟ هي مصنوعي حجاب لاهي پنهنجو اصلي چهرو ڇو نہ ٿا پڌرو ڪيو تہ حضور آقائي دو جهان صلي الله عليہ وآلہ وسلم يا اولياءَ ڪرام لاءِ خيرات ڪرڻ درست ئي نہ آهي. اوهان جي لڪ لڪاءَ ڪي گهٽا ڏينهن گذريا. هاڻي ماڻهون اوهان ڪي پڌر پٽ سڃاڻن ٿا.

بہ هــر رنگي ڪہ خواهي جامہ پوش

مــن انداز قـدرت را مـي شـناسـم

قولہ: جنهن ڪي حصو شيطان جو، سيد المرسلين صلي الله عليہ وآلہ وسلم پاڪ زبان سان لقب رکن ٿا.

اقول: لايجعل احدڪم الاشيطان شيئا الخ، جا الفاظ حضرت ابن مسعود رضي الله تعالىٰ عنہ جا آهن، نہ

ڪ سرور دوجهان صلي الله عليہ وآلہ وسلم جا. چا توهان کي حضور پر نور صلي الله عليہ وآلہ وسلم تي ڪوڙ هڻڻ ڪان بہ خوف ڪونہ ٿو ٿئي. جنهن لاءِ وعيد شديد "من يقل علي ما لم أقل فليتبوأ مقعده من النار" (صحيح البخاري) وارد ٿيل آهي. شايد پنهنجي هوڏ هوڏ پچائڻ ۽ باطل عقيده ڦيلائڻ لاءِ ڪيڏي بہ جبل کي سر ڏيڻ لاءِ تيار آهيو. يا تہ وري فقہ سان گهڻ گهرائي وڏي اٿو. پر سنت سيد الانام صلي الله عليہ وآلہ وسلم سان جا محبت ۽ شد بود اٿو تنهنجو حال بہ اهيو آهي جو اثر ۽ خبر جي تفريق ۽ تميز جو بہ پتو ڪونہ آهي.

سب خبر اور ایسی کر باتیں ... جیسی کرتے ھیں بے خبر باتیں

قولہ: صرف هن سان تہ مٿس سجي پاسي منهن ڪرڻ مقرر آهي تہ ايهو ڪم منهي عنہ ۽ شيطان جو حصہ ثابت ٿئي ٿو.ناثابت لازم سمجهڻ چوتہ شيطان جو حصہ ۽ منهي عنہ (حرام) ٿئي.

اقول: جيڪڏھن تو وٽ نماز ۾ سڄي پاسي کان مقرر منهن ڦيرائڻ بہ حرام آھي، ۽ حرام بہ اھڙو جو انجو مرتڪب انهي لقبن جو مستحق آھي جي تون يارھين جي خيرات وارن لاءِ لکيا آھن، پوءِ تون بي ميار آھين. چوتہ اهڙي حرام ۽ خبط جو علاج ئي ڪونهي.

نيست در قانون حکمت ضعف قسمت را علاج
طشت فکر بو على اين جا ز بام افتاده است

پر ايترو ٻڌائڻو پوندئي تہ ڪهڙي ڪتاب ۾ انجي حرمت جي تصريح ڏني اٿئي؟
بندا خدا جا ! احتياطي امورن ۾ اهڙو تشدد ۽ بدگماني جو خاص عام سيني ۾ اعتقاد استلزام جو وهم موجود. محدثين ڪرام کان ان بابت ڇا وارد ٿيل آهي سو بہ ٻڌ :-
قال النووي رحمة الله تعالىٰ اما الكراهة التي اقتضاءہ كلام ابن مسعود رضي الله تعالىٰ عنہ انما هي في حق من يري ان ذالك لا يدمنہ. فان من اعتقد وجوب

واحد من الامور مخطئي الخ. وفيہ ايضا فان استوي الجهتان في الحاجة وعد مها فاليمين افضل.الخ.

اتان ثابت آهي تہ ابن مسعود رضي اللّٰه تعالىٰ عنہ وٽ تعين يمين ۾ ڪراهت نہ آهي. بلڪ اعتقاد وجوب تعين مڪروه ڄاڻيو اٿس. جي اهيو اعتقاد ڪنهن ڪي نہ آهي تہ ايهو تعين نہ رڳو جائز بلڪ افضل ۽ مستحب آهي. حرمت ۽ شرڪ جو تہ ڪو وجھ ئي ڪونہ آهي.

پر هي جو اوهان جو نظريہ ۽ عنديہ نہ آهي، بلڪ مولوي رشيد احمد صاحب گنگوهي جي ڪورانہ تقليد ئي توهان کي "تيلي مان ٿنڀ بنائڻ" تي مجبور ڪيو آهي. جو هن صاحب فتاوىٰ ميلاد ۾ اهو اثر لکي ان مان غلط مقصود ورتو، ۽ اوهان جهڙن پنهنجن بي بصيرت مقلدن کي ايهو سبق ڏئي ڇڏيو اٿس تہ بس تعين سان بدعت حرمت لازم اٿو. اوهان بہ تحقيق کان اکيون بند ڪري "ميان منو" ٻڍيا ساڳي ٻولي وڻا ٻوليو ۽ ٻڌايو تہ:

در پس آئينہ طوطي صفتم داشتہ اند
آنچہ استاد ازل گفت همان مي گويم

قولہ: سجده شڪر ڪي جڏهن جاهلن واجب سمجهيو تہ فقهاءَ ڪرام مڪروه تحريمي چونس ٿا.

اقول: شڪر آهي جو وري بہ حرام جي فتوىٰ مان ڪراهت تائين تنزل ٿيو آهي. نہ تہ "منهي عنہ" تہ هنڪي بہ سڏيو اٿي جنهن جي بريڪٽ اوهان وٽ آهي "حرام". پر اها خبر خير سان ڪانہ رکي اٿي تہ "منهي عنہ" ۽ "مڪروه" سجده شڪر جو سجده آهي يا ڪو بيو؟ جي واقعي ايها سڌ بہ ڪانہ لڌي اٿي جيئن غالب گمان آهي، تہ پوءِ اهڙي اونداهيءَ ۾ لٺ ڦيرائڻ ۽ اوٽ تي قلم ڪٽي شرعي احڪامن دخل ڏيڻ ۽ لاف گزاف سان شرڪ ڪفر جي فتوئن ڏيڻ سان اوهين دين سان تلاعب ڪري رهيا آهيو. فتوىٰ نويسي ڪو اهڙو سهل امر نہ آهي جو خوامخواه ان ۾ ٽپي پئجي. پر جي سڌ هوندي محض ڏوڪي ۽ فريب لاءِ ايهو حڪم سجده

شڪر جو ٻڌايو اٿي تہ پوءِ انهي دجل ۾ فريب لاءِ تون خداوند ڪريم جي درگاهہ جوابدار ۽ مسلمانن جي جماعت ۾ تفريق وجهندڙ خائن ۽ گنهگار آهين.

ان كنت لاتعلم فتلك مصيبة
وان كنت تعلم فالمصيبة اعظم

مولوي صاحب! ايهو منهي عنہ مطلق سجده آهي، نہ شڪر جو سجده. شامي ڪولي ڏس تہ لکيو پيو آهي "قولہ لكنها تكره بعد الصلواة الضمير السجدة مطلقا.الخ" يعني "لكنها" ۾ ضمير مطلق سجدي ڏانهن موٽي ٿو. ۽ انهي مطلق سجدي مان مراد اهو سجده آهي علامہ زاهدي رحمتہ اللّٰہ تعالیٰ لکيو آهي: "اما بغير سبب فليس بقربہ وما يفعل عقيب الصلواة فمكروه لان الجبال.الخ". ۽ الفتاویٰ الهندية ۾ لکيو آهي: "واما اذا سجد بغير سبب فليس بقربة ولا مكروه وما يفعل عقيب الصلوات مكروه لان الجهال

يعتقدونها سنة اؤ واجبة وكل مباح يؤدي اليہ فمكروه“ (ج1/ص136)

انهي سجده شڪر کي قياس ڪرڻ بہ قياس مع الفارق ٿيندو ڇو تہ اهڙو سجده شارع بارع صلي اللّٰہ عليہ وآلہ وسلم ۽ اصحابن سڳورن کان موران ثابت ئي ڪونہ ٿيو آهي، ۽ سجده شڪر جو اصل ثابت ۽ تعين غير منقول. جنهنجو اصل ثابت تنهن کي تعين عادي ڪري ڪراهت هرگز لازم نہ ٿيندي. اوهان ڪاٿي ڏيکاريون تہ سجده شڪر کي متعين ڪرڻ سان بہ فقهائن مڪروه يا حرام لکيو هجيس.

بزرگا ! هيترو تہ خيال ڪري ڏس سجده شڪريہ انصراف عن اليمين کي لازم سمجهڻ سان تنهنجي زم موجب ڪراهت يا حرمت فرضا ڪٿي ثابت ٿئي تہ پوءِ بہ انهي فعل استلزام مالايلزم جي ڪراهت يا حرمت ٿو سمجهين يا اصل سجده شڪريہ انصراف عن اليمين کي مڪروه ٿو ڄاڻين؟ ۽ انهي استلزام پاران سجده يا نماز تي بہ حرمت يا بطلان جو حڪم جاري

ٿو فرمائين؟ جي انهي استلزام هوندي بہ اصل فعل جي حرمت يا نماز جي بطلان جو حڪم نٿو ڏئين تہ پوءِ تعين جي استلزام سان خيرات يا طعام جي حرمت يا ڪراهت جو حڪم ڏئي چو افتراءَ علي الله تعالىٰ ڪري رهيا آهيو؟ جي انصراف عن اليمين کي لازم سمجهڻ سان نمازن جي احڪام صحة بطلان تي ڪو اثر ڪونہ آهي تہ تعين التزام سان بہ خيارت جي حلت حرمت تي ڪوبہ اثر ڪونہ پوندو. گوڪ ڪٿهين استلزام تعين بہ مسلم رکيو وڃي تہ بہ انهي استلزام کي ڪراهت جاٽائي انهي جي مرتڪب کي اهڙي استلزام کي ۽ وجوب جي عقيده رکڻ يا رکائڻ کان روڪيو ويندو. باقي قباحة مجاوره ڪري اصل فعل ۾ ڪراهت پيدا ٿيڻ لازم نہ.

جيئن سڪين مغصوبہ سان ذبح ڪرڻ ۽ پاڻي مغصوب سان وضو ڪري نماز ادا ڪرڻ ۽ ڪپڙو ڌوئڻ ناجائز ۽ حرام آهي مگر ان هوندي بہ حيوان مذبوح حلال ۽ نماز صحيح ۽ ڪپڙو پاڪ ٿيندو.

”وإذا كان مع الجنازة نائحة أوصائحة زجرت ، فإن لم تنزجر فلا بأس بأن يمشي معها ؛ لأن اتباع الجنازة سنة فلا يتركه لبدعة من غيره.اه“

انهي کي چوندا آهن تہ
ع "بہر کیکے تو گلیمے را مسوز"

ڪن بيخبرن فرضا تعين قي لازم جاتو تہ ان سان عام خاص سڀ کي عدم جواز جي فتویٰ سان چو سنت صحيح کان محروم رکيو وجي؟ هن تقرير مان اوهان تي مولوي اشرف علي صاحب جي تحرير جو بطلان بہ واضح ٿي رهيو جو صاحب موصوف پنهنجي طرفان هڪ قاعده ڪليہ اختراع ڪري مولوي رشيد احمد صاحب گنگوهي جي تائيد ڪئي. هو ايئن تہ ”غير ضروري امر ۾ مفاسد جي مجاورة سان انهي امر کي حڪما مسدود ڪيو ويندو ۽ ضروري امرن ۾ دفع مفاسد ڪبو نہ امر ضروري“. اهيو ضروري غير جو فرق خودساختہ آهي ۽ صدها جاين تي منقوص ۽

مخدوش. كما لايخفىٰ علي اولي الفطنتہ والنهىٰ. هي كلام علي السبيل التنزل اوهان جي خود ساختہ اصول تي ئي هلايو ويو آهي، تہ توهان كي معلوم ٿي رهي تہ

ٻيو ڪفر هم ثابت نٿو ٿي سگهي

پر اصل تعين جي بدعت ۽ حرام هجڻ بابت جو كن غير مقلدن ۽ سندن ننڍن پائرن يعني كن ديوبندن غوغاءُ بيجا اٿاريو آهي. تنهن جي بہ ذرا حقيقت پڌري كرڻ ضروري آهي. فاقول بتوفيق اللّٰہ تعالىٰ انهي مسئلہ ۾ حق هي آهي تہ جن كمن لاءِ شرعا تعين وارد ٿيل آهي تن كي اعتقادا عملا متعين ركڻ ۽ انهي تعين كي لازم سمجهڻ، انهي كي تعين شرعي سڏبو. نماز لاءِ زمان مخصوص جوتعين، حج لاءِ مكان مخصوص جو تعين، انهي ئي قسم جا فرد آهن. ۽ جن كمن لاءِ شارع كان علي الاطلاق اجازه وارد ٿيل هجي. مگر مكلف عامل ان كي كنهن خاص وقت يا جاءِ ۾ كنهن خاص مصلحت لاءِ معين كري ادا كري

ٿو تہ ايهو تعين زمان يا مڪان جيستائينڪ سنت جو مصادم نہ ٿئي نہ وري ان تي صحة ۾ عدم صحة يا حلة حرمت جو مناط رکيو وڃي ۽ نہ وري وصول ثواب ان تي موقوف سمجهيو وڃي تہ پوءِ ايهو تعين عادي سڏبو ۽ جائز.

قادري طريقہ ۾ ذڪر جهر لاءِ وقت عشاءَ جو تعين ۽ نقشبندي حضرات جو مراقبہ لاءِ وقت شام و سحر تعين ٻين اشغال صوفيہ ۽ اوراد مسنونہ لاءِ مخصوص وقتن جو تعين، حضرت موسیٰ علیٰ نبينا عليہ الصلواة والسلام جي نجات جي يادگاري ۾ صوم عاشوره جو تعين، حضور آقائي دوجهان صلي اللّٰہ عليہ وآلہ وسلم جي ولادت با سعادت جي خوشي ۽ يادگار لاءِ سومر ڏينهن روزي جو تعين، سڀ انهي عادي تعين جا مثال آهن. جن جو اصل ثابت مگر تعين ڪن ۾ منصوص ڪن ۾ نہ. تنهن هوندي بہ اصحاب صحة يا ثواب مل جو دارو مدار انهي تعين تي موقوف نہ. تنهن ڪري غير منصوص ڪي ”بدعت ضلالة ۽ حرام“ نہ چئبو.

چوتہ بدعت سيئة ۾ سنت جو مقابل هجڻ شرط آهي. واذ ليس فليس. ترمذي شريف بلال بن حارث المزني رضي الله تعالىٰ عنہ کان مروي آهي تہ ”من ابتدع بدعة ضلالت لايرضاها الله تعالىٰ ورسولہ کان عيلہ من الاثم مثل آثام من عمل بها، الخ، وفي المرقاة قيد لاخراج البدعة الحسنة“ يعني جنهن اهڙو نئون کم پيدا کيو جنهن ۾ الله تعالىٰ ۽ سندس رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم راضي نہ رهن تہ ان تي اهو گناهہ ۽ پويان مڙني عمل کندڙن جا گناهہ مڙهيا ويندا. مرقاة ۾ چيائين تہ ”ضلالة“ ۽ ”لايرضاها“ جو قيد هن لاءِ آهي تہ بدعت حسنہ خارج ٿي وڃي. چوتہ اها بدعت بعض وقت استحباب تہ ڇڏ پر وجوب جي درجي کي بہ پهچي ويندي آهي. اهڙي بدعت لاءِ حديث شريف ۾ وارد ٿيو آهي تہ: من سن في الاسلام سنة حسنة فله أجرها و أجر من عمل بها بعده.الخ. مسلم، الصحيح، 2 : 705، كتاب الزكوٰة، باب الحث علي الصدقہ، رقم : 1017

"ولهذا قال امیر المومنین عمر رضي الله تعالیٰ عنہ في التراویح : نعمت البدعة هذه". بخاري

وفي المرقاة اي الجماعة الکبریٰ لا الصلواة فانها سنت من اصلها قال الطیبي یرید صلواة التراویح فانہ في حیز المدح لانہ فعل من افعال الخیر وتحریض علي الجماعة المندوب الیها الیٰ قولہ وکان عمر رضي الله تعالیٰ عنہ ممن نبہ علیها وسنها علي الدوام فلہ اجرها واجر من عمل بها الي یوم القیامہ.اھ. وفي المرقاة قال قال في الازهار هذا مخصص اي کل بدعة سیئة ضلالة لقولہ صلي الله علیہ وآلہ وسلم من سن في الاسلام سنة حسنة فلہ اجرها واجر من عمل بها.الخ.

بیا بہ ڇڏیو پر پنهنجي قائد ۽ مصلح اعظم جي شاهدي وٺو.

قال ابن تیمیہ في المنهاج البدعة هي الحادث في الامر فان کان بغیر دلیل شرعي قبیحة وان وافق اصول الشرع فبدعة حسنة الخ وفي فتح المبین لابن حجر

رحمتہ الله تعالیٰ قال الشافعي رضي الله تعالیٰ عنہ ما احدث وخالف كتابا او اجماعا او اثرا فهو البدعة.الخ.
مطلب تہ سچي اسلامي دنيا جو اتفاق آهي تہ بدعت مذمومہ مشئومہ اها بدعت آهي جنهنجو سنت صحيح سان تصادم هجي، نہ مطلق بدعت. بلڪ جو حادث ڪم ثابت الاصل هجي يا سنت لاءِ وسيلہ بڻجي تہ اوهو ڪم بدعت محموده مستحسنہ چئبو. جنهنجو مرتڪب انما الاعمال بالنيات موجب مستحق اجر ۽ ثواب جو ٿيندو، نہ مستحق زجر ۽ عقاب يا عتاب جو.
وفي المرقاة ان من الفواعد المقررة ان الوسائل حكم المقاصد فوسيلة الطاعتہ طاعتہ ووسيلة المعصية معصية.الخ.

غير مقلدن ۽ نجدي پارٽي جي ارڪان مان وڏو معتمد عليہ ۽ مستند ممبر بلڪ هندوستان ۾ سندس ڪاميٽي جو صدر نشين نواب صديق حسن خان بہ انهي قانون جي تائيد ڪندي ڪتاب آداب المفتي ۾ لڪي ٿو تہ ”فاحسن المخارج ماخلص بها عن الماثم

واقبح الحيل ما اوقع في المحارم.الخ“ يعني اهڙي رث جا گناهہ کان آزاد کري مستحسن آهي، ۽ جو کم ۽ حيلو حرام ڏانهن ڇڪي سو زور قبيح آهي.اهہ. هاڻي ڏسڻ گهرجي تہ تعين يعني ڪن خير جي ڪمن واسطي خاص زمان جي تقرر لاءِ شرع مقدس ۾ اصل ملي ٿو يا نہ؟

(١): اخرج البخاري عن ابي وائل قال کان عبدالله رضي الله تعالىٰ عنہ يذکر لناس في کل خميس.الخ. ج١، ص١٦

يعني عبدالله بن مسعود رضي الله تعالىٰ عنہ سي ڪنهن خميس تي مقرر ماڻهن کي واعظ فرمائيندو هيو.

(ف): اتان ثابت آهي تہ تذڪير لاءِ ڏينهن مقرر ڪرڻ جي بدعت پاڻ حضرت ابن مسعود رضي الله تعالىٰ عنہ جاري فرمائي آهي. جنهنجي قول ”لايجعل احدکم الخ“ مان تعين جي حرمت تي جزم ڪيو ويو آهي.

(٢):مشكاة المصابيح " أَنَّ رَسُولَ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ سُئِلَ عَنْ صَوْمِ الِاثْنَيْنِ فَقَالَ فِيهِ وُلِدْتُ وَفِيهِ أُنْزِلَ عَلَيَّ". صحيح مسلم ، كتاب الصيام

"وفي المرقاة فاصوم شكرا لهذين النعمتين.اه. وفيه ايضا وفي الحديث دلالة علیٰ ان الزمان قد يتشرف بما يقع فيه كذا المكان.اه".يعني حضور كريم صلي الله وآله وسلم جن كان سومر جي روزي بابت پڇيو ويو تہ (سائين جن ڇو مقرر ركندا آهن؟) پاڻ فرمايائون تہ انهي وار تي اسان جي ولادت مبارڪ آهي ۽ انهي وار تي اسان تي قرآن مقدس نازل فرمايو ويو آهي. تنهنكري انهن ٻنهي نتعمن جي شكراني ۾ روزو ركندا آهيون. مرقاة ۾ آهي تہ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ زمان يا مكان ۾ كن ڀلن كمن جي كري ڀالئي ۽ شرف واقع ٿي پوندو آهي.اه.

(ف): اتان معلوم ٿيو تہ حضور كريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ولادت باسعادت جي خوشي ۾ كنهن

خير يا عبادت جي ڪم لاءِ ڏينهن مقرر ڪرڻ سنت آهي ۽ مامور بہ، نہ ڪي منهي عنہ ۽ بدعت. ۽ هي بہ معلوم ٿيو تہ بزرگان دين جي ولادت وغيره سان زمان ۽ مڪان کي خاص شرف ٿئي ٿو. جنهن موجب ان کي ڪنهن خير جي ڪم لاءِ تخصيص ڪرڻ گهرجي. تائيد ٿي ڏئي ان ڪي اوها روايت جنهن ۾ بلال رضي الله تعالىٰ عنہ کي امر فرمايو اٿن تہ ”سومر جي ڏينهن جو روزو ترڪ نہ ڪج ڇوتہ سومر تي اسان جي ولادت ٿي آهي“.

مولانا جمال الدين لکنوي ان حديث شرف هيئنان لکي ٿو تہ ”اين حديث اصل است در جواز تعين روز مولد. ودر حديث سريف وارد است عن ابن مسعود رضي الله تعالىٰ عنہ مار آه المسلمون حسنا فهو عند الله حسن اخرجہ محمد رحمة الله عليہ في الموطا واختيار اين عمل (مولد) از مدت پانصد سال يا ازان زائد از علماءَ محدثين وفقهاءَ ڪرام و مشائخ اهل سنت و جماعت متبع سنت ترويج يافتہ.الخ“.

وقال الشيخ ابن حجر في شرح الاربعين قال الامام ابو شامته شيخ المصنف رحمته الله تعالیٰ "ومن احسن ما ابتدع في زماننا ما يفعل كل عام في اليوم الموافق ليوم مولده صلي الله عليہ وآلہ وسلم من الصدقات واصطناع المعروف واظهار ازينته والسرور.اھ".

جڏهن تعين لاءِ پاڪ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم امر فرمائي رهيا آهن تہ پوءِ ان ڪي سبب ڪراهت يا حرمت جو بنائڻ گستاخي ۽ بي ادبي آهي.

(٣):عن ابن عباس رضیٰ الله تعالیٰ عنہ انہ قرأ اليوم اكملت لكم دينكم الاية وعنده يهودیٰ فقال لونزلت هذه الاية علينا لاتخذناها عيدا فقال ابن عباس رضیٰ الله تعالیٰ عنہ فانها نزلت فیٰ يوم عيدين فیٰ يوم جمعة ويوم عرفة. رواه الترمذي.

يعني ابن عباس رضي الله تعالیٰ عنهما هڪڙي يهودي جي روبرو آيت مقدس "اليوم اكملت" واري تلاوت فرمائي. يهودي چيو تہ "اهڙي آيت پر بشارت اسان يهودين تي لهي ها تہ جيڪر اسان انهي تاريخ

ڪي عيد جو ڏينهن مقرر ڪيون ها“. حضرت عبدالله رضي الله تعالىٰ عنہ فرمايس تہ ”پوءِ نزول جي تاريخ اسان وٽ عيدن جو ڏينهن آهي يعني جمعہ ۽ حج جو ڏينهن.اهـ“.

(ف): هن اثر مان پڌرو آهي تہ ڪنهن بہ خير ۽ برڪت جي امر جي يادگار لاءِ ڪنهن ڏينهن جو تعين ۽ تقرر مڪروهہ نہ آهي. نہ تہ ابن عباس رضي الله تعالىٰ عنهما يهودي جي قول کي تائيد ڏيئي انهي يادگار جي تعين جو ثبوت نہ ڏئي ها بلڪ فرمائي ها تہ اهڙو تعين ۽ تقرر ڪرڻ اسلام ۾ جائز ئي ڪونہ آهي. پوءِ آيت شريف جي نزول برڪت شمول جي ڏينهن کي عيد ڪري ملهائڻ جو سوال بيڪار آهي. پر جي آيت شريف جي نزول جي يادگار کي عيد ڪري ملهائڻ جائز آهي تہ جنهن ذات ستوده صفات تي آيت مقدس نازل ٿي تنهن جي تشريف آوري جي زماني کي عيد ڪري ملهائڻ ۽ خوشي ڪرڻ يا خيرات لاءِ تعين زمان ڪرڻ چو ناجائز ٿيندو؟ پوءِ جيڪي بي ادب، حضور

ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي، عرس شريف ڪي توڙيڪ هو بدعادت يا محرم يا مڪروھ ڪان پاڪ هجي هندن جي "جنم استمي ڪنهيا" سڏن ٿا تن ڪي پنهنجي ايمان جو خير گھرڻ ڪپي.

(۴):عن محمد بن ابراهيم قال : كان النبي صلیٰ الله عليہ وسلم ياتي قبور الشهداءِ علیٰ راس كل حول فيقول: "السلام عليكم بما صبرتم فنعم عقبیٰ الدار" وابو بكر وعمر وعثمان رضي الله تعالیٰ عنهم يفعلون هكذا . يعني حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن سڀ ڪنهن سال جي منڍ ۾ شهدائن جي مقام ۾ تشريف رکندا هيا ۽ فرمائيندا هيا السلام عليكم الخ ۽ خلفاءِ ثلثہ رضي الله تعالیٰ عنهم جو بہ اهيو دستور هيو.

(ف): ٻڌايو تہ "راس كل حول" جو تعين اوهان وٽ ڪراهت ڪي مستلزم آهي يا نہ؟ جي نہ تہ ٻي هنڌ تعين ڪي علت ڪراهت بنائڻ جو وجھ ڪهڙو؟

(۵): وفي صحيح البخاري فلما مات ابولهب اریه بعض اهله بشرحيبة قال له ماذا لقيت قال ابولهب لم الق بعدكم غير انى سقيت فى هذه بعتاقتى ثويبة.ج۲، ص ۷٦٤

وفي فتح الباري العلامة ابن حجر و عمدة القاري للعلامة العيني رحمهم ان العباس رضى الله تعالى عنه قال لمامات ابولهب رايته فى منامى بعد حول فى شرحال، فقال مالقيت بعدكم راحة الا ان العذاب يخفف عنى كل يوم اثنين، قال وذلک ان النبى صلى الله عليه وسلم ولد يوم الاثنين وكانت ثويبة بشرت ابالهب بمولده فاعتقها.اھ.

قال ابن المنير في الحاشيتہ وتتمة هذا ان يقع التفضل المذكور اكراما لمن وقع من الكافر البرلہ ونحو ذالك.اھ.

يعني تہ جڏهن ابولهب مري ويو تہ كيس پنهنجي پاتين مان كنهن كي خواب ۾ ڏيكاريو ويو تہ ڏاڍي خراب

حالت ۾ آهي. پڇيائينس تہ توسان ڇا ٿيو؟ چيائين تہ اوهان کان اچڻ بعد کو سک کونہ ڏٺو اٿم. باقي ايترو آهي تہ هن (اشهد آڱر) مان مون کي (بهشتي پاڻي) پياريو ويندو آهي. ايهو (احسان) هنکري ٿيو اٿم جو مون حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ولادت جي خوشي ۾ (پنهنجي ٻانهي) ثويبة (رضي الله تعالىٰ عنها) کي آجو ڪيو هيو. علامہ ابن حجر ۽ عيني رحمهم الله تعالىٰ فرمايو تہ حضرت عباس رضي الله تعالىٰ عنہ فرمايو تہ ابولهب جي مرڻ کان پوءِ مون کيس خواب ۾ ڏٺو تہ ڏاڍي خراب حال ۾ آهي. (پڇڻ تي) چيائين تہ اوهان کان جدا ٿي اچڻ بعد ڪا فرحت ڪانہ ڏٺي اٿم مگر سڀ ڪنهن سومر ڏينهن مون تي عذاب جي تخفيف ٿيندي آهي. حضرت عباس رضي الله تعالىٰ عنہ فرمايو تہ انجو سبب هي آهي تہ حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن سومر وار تي تولد ٿيا هيا ۽ ان ڏينهن ثويبة رضي الله تعالىٰ عنها جا ابولهب جي ٻانهي هئي کيس ولادت باسعادت

حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي بشارت اچي ڏني جنهن تي ابولهب ڪيس آجو ڪري ڇڏيو. ابن المنير رحمتہ الله تعالىٰ حاشيہ ۾ لکيو تہ ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪو ڪافر ڪٿي حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم سان ڪا نيڪي ۽ ڳڻ ڪندو تہ ان کي بہ سرڪار اعلىٰ وٽان عيوض ۾ ڪونہ ڪوئي انعام اڪرام ۽ بدلو ضرور ملندو.اھ.مخلصا.

(ف): ابولهب، حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ولادت پر ڪرامت جي، خوشي ۾ پنهنجي ٻانهي سومر ڏينهہ آزاد ڪئي ۽ سومر جي ڏينهن ئي عذاب کان تخفيف جو حڪم فرمايو ويو. ملڪ جو مالڪ عزاسمہ قادر هيو تہ جمعہ يا ٻئي ڪنهن ڏينهن تخفيف جو حڪم صادر فرمائي ها پر خاص ولادت جي ڏينهن سومر کي ايھو شرف عطا فرمائي پنهنجن ٻندن ٻندن کي هدايت ۽ تعليم فرمايائين تہ انهي ڏينهن جي شرف کان محروم نہ رهن. اتان حضور ڪريم صلي

الله عليہ وآلہ وسلم جي ولادت جي خوشي ۾ عرس شريف جو سان بہ معلوم ڪرڻ گهرجي تہ عدو اسلام ۽ باني اسلام صلي الله عليہ وآلہ وسلم ڪان بيگانن لاءِ بہ خوشي ۾ خيرات جي عيوض سرڪار مان معافي جا پروانا جاري ٿي رهيا آهن تہ جان نثارن يگانن لاءِ ڇا ڇا نہ سرفرازي ۾ غلام نوازي جو سامان مهيا فرمايو ويو هوندو؟

اذا كان هذا كافرا جاءَ ذمہ وتبت يدا في الجهيم مخلدااتي انہ في يوم الاثنين دائما يخفف عنہ السرور باحمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم فما الظن بالعبد الذي كان عمره باحمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم مسرورا ومات موحدا.

(٦): عن ابن عباس رضي الله تعالیٰ عنهما ان الرسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم قدم المدينة فوجد اليهود صياما يوم عاشورا فقال رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم ما هذا اليوم الذي تصومونہ؟ فقالوا هذا اليوم عظيم انجي الله تعالیٰ فيہ موسیٰ عليہ السلام

وفومہ فصامہ موسیٰ شکرا فخن نصومہ.فقال رسول اللّٰه صلي الله عليہ وآلہ وسلم نحن احق واولیٰ بموسیٰ عليہ السلام منکم فصامہ رسول اللّٰه صلي الله عليہ وآلہ وسلم وامر بصيامہ. متفق عليہ

(ف): هن حديث شريف مان معلوم ٿيو تہ اللّٰه سبحانہ و تعالیٰ جي خاص رحمت جي نزول واري ڏينهن کي يادگار بڻائي حضرت موسیٰ عليہ السلام روزي لاءِ متعين فرمايو ۽ يهودين انهي تعين تي عمل جاري رکيو ۽ حضور کريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن انهي يادگار ۽ تعين کي ثابت رکندي پاڻ بہ ان متعين ڏينهن جو روزو رکيائون ۽ پنهنجي امت کي بہ امر فرمايائون. انهي مضمون فيض مشحون ڏينهن وانگر روشن کري ڏنو تہ کنهن بہ نعمت جي يادگار ۽ شکريہ لاءِ خاص ڏينهن مقرر کري روزو رکڻ يا ٻي کا عبادت متعين کرڻ جائز بلک مطلوب عند الشارع آهي. چوتہ وارد ٿيو آهي تہ ”امر بصيامہ“ پوءِ اوها طلب علي السبيل الاستحباب هجي، نہ اعلیٰ وجہ

اللزوم. بلڪ ثابت آهي تہ رمضان شريف کان اڳ عاشوره جو روزو فرمايل هيو. جيڪڏهن حضرت موسىٰ عليہ السلام جي نجات جي شڪريہ لاءِ تعين زمان مستحسن آهي تہ سيد الانبياءِ والمرسلين صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ولادت باڪرامت جي خوشي ۽ شڪريہ لاءِ بہ تعين تاريخ بطريق اولىٰ مستحسن ۽ مستحب آهي. نہ انڪار ڪندو ان کان مگر مڪابر مجهول يا مشاجر مخذول. هن هنڌ مانعين جي هن مڪر ۽ فريب جو جواب پڌرو ٿي رهيو جو چوندا آهن تہ عرس وغيره صحابن ڪرامن کان باوجود شدت محبت ۽ حرص اتباع جي منقول نہ آهي تنهنڪري بدعت حرام آهي. اسان جو چوڻ آهي تہ عرس جا فعل يعني حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ولادت جو بيان ۽ مدح سرائي جي مجلس ۽ خيرات جو ثبوت صحيح احاديث سان صحابن ۽ تابعن ۽ تبع تابعين کان منقول آهي. حضرت حسان بن ثابت رضي اللة تعالىٰ عنہ لاءِ پاڻ سرور دوجهان صلي الله عليہ

وآلہ وسلم مجلس منعقد فرمائي، منبر تي بيهاري نعت شريف پڙهائي آهي. كما في البخاري عن عائشة رضي الله تعالیٰ عنها. حضرت عباس رضي الله تعالیٰ عنہ تبوڪ کان رجوع بالخير جي موقعہ ۾ سندن اجازہ سان چند اشعار آبدار مجلس صحابہ ڪرام ۾ ڳايا آهن جنهنجي ٻڌڻ سان حضرت ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو "لايفضض الله فاك" فرمايو يعني شال تنهنجو وات الله تعالیٰ هر آفت کان محفوظ فرمائي. ولادت شريف جي خاص ڏينهن (سومر) کي خاص عبادت (روزو) لاءِ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم متعين فرمائي رهيا آهن پوءِ بہ تاريخ يا ڏينهن جي تعين تي بدعت ۽ حرام جي فتویٰ ڏيڻ اهڙي جرائت ۽ ديدہ دليري آهي جنهنجو مثال نہ ليندو. پر جي ڪٿي عرس شريف بهيئة ڪذائيہ نقل نہ ٿئي تہ حرج ڪهڙو؟ اسين ان کي فرض واجب ٿورو ئي چئون ٿا، جو صحابن ڪرامن کان ترڪ ٿيڻ اعتراض جو باعث ٿئي. ڇڏيو تہ صحابہ ڪرامين دين جي

ضروري احڪامن جي اهتمام ۾ ڪوشش ڪان هن مستحسن ڪم ڏانهن متوجہ نہ ٿيا هجن يا حصول شدت محبت ڪري اهڙن استحبابي ڪمن جو ڪين احتياج ٿورو هجي ۽ هن زماني ۾ علمائن ان جو احتياج ۽ ضرورت محسوس ڪري ان جو اهتمام ۽ استحسان فرمايو هجي.

فلا قدح علي ڪلا الفريقين والاعمال بالنيات وفي شرح معاني الآثار وقد اخبر ابن عباس رضي الله تعالیٰ عنہ في حديثہ بالعلة التي ڪانت اليهود تصومہ انها علي الشڪر منهم لله تعالیٰ في اظهار موسیٰ عليہ السلام علي فرعون وان رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم ايضا صامہ ڪذالڪ والصوم للشڪر اختيار لافرض.اھ. وفيہ ايضا قد يجوز ان يڪون ڪان صومہ شڪر الله تعالیٰ لما اظهر موسیٰ عليہ السلام علي فرعون فيشڪر الله ماشڪره بہ من ذالڪ فيڪفر عنہ السنة الماضية.اھ. يعني حضرت ابن عباس رضي الله تعالیٰ عنهما پنهنجي روايت ڪيل

حديث شريف ۾ يهودين جي روزي رکڻ جي علت ٻڌائي ويا آهن تہ اوهي حضرت موسىٰ عليہ السلام جي فتحيابي ۽ فرعون تي کامياب ٿيڻ جي شڪراني ۾ رکندا هيا ۽ حضور ڪريم صلي اللّٰه عليہ وآلہ وسلم جن بہ ساڳي علي يعني شڪراني لاءِ روزو رکيائون ۽ رکرايائون. شڪرانہ جو روزو اختياري ۽ نفلي ٿيندو نہ فرضي.اهہ. ساڳي ڪتاب ۾ آهي تہ جائز آهي تہ پاڻ ڪريم صلي اللّٰه عليہ وآلہ وسلم جن ايهو روزو حضرت موسىٰ عليہ السلام جي فرعون تي فتح پائڻ جي شڪرانہ رکيو هجي پو ۽انهي شڪرانہ ۽ خوشي جي يوض اللّٰه سبحانہ و تعالىٰ انهي عمل جو عيوضو ايهو عطا فرمايو جو گذريل سڄي سال جا ان سان گناهہ معاف ڪري ڇڏيا.اهہ.

مؤمنو! اللّٰه پاڪ جا احسان ۽ لطف عام تہ ڏسو تہ حضرت موسيٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي فتحيابي جي خوشي ۽ شڪريہ ڪري درگاهہ ايزدي مان ٻارهن مهينن جا گناهہ معاف ٿين ٿا. پوءِ محبين ذات

مقدس سيد الانبياءؑ والمرسلين صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي قوي اميد آهي تہ حضور پر نور صلوات الله عليہ وسلامہ جي تشريف آوري جي خوشي ۾ شڪريہ سان سان سڄي ڄمار جي گناهن جو ڪفاره ۽ ابدي وصال جي نعمت جو باعث بڻجي پوي تہ ڪجھ بہ بعيد نہ آهي. ”فان المراءَ مع من احب“. انصاف ڪيو تہ باوجوديڪ صوم عاشوره ۾ ڪراهت جي هڪ معنيا بہ مجاور آهي يعني مشابهت اهل ڪتاب. جنهن ڏانهن صحابہ ڪرام سرڪار کي توجھ منعطف فرمائڻ لاءِ عرض بہ گذارن ٿا تہ ”هذا يوم يعظمہ اليهود والنصاریٰ“.(مسلم). يعني يهود ۽ نصاریٰ ان ڏينهن جي تعظيم ڪن ٿا. ۽ هن روزي جي تعين سان سندن مشابهت ۽ موافقت لازم اچي ٿي، جو بجاءِ خود ڪراهت ۽ نهي جي مقتضي آهي. تہ بہ پاڻ دفع لاءِ ”لاصومن التاسع“ فرمائن ٿا. مگر تعين يوم کان منع نہ ٿا فرمائن.پوءِ بہ تعين کي حرام جو مستلزم ڄاڻڻ ۽ لکڻ صريح مغالط ۽ مکابره آهي. جنهنجو علاج

سعدي رحمۃ الله تعالیٰ ذسیو آهي تہ " آنست جوابش کہ جوابش ندهي".

وقال الحافظ ابن حجر العسفلاني في النعمۃ الکبریٰ علیٰ العالم ینبغي ان یتحریٰ الیوم بعینہ فان کان ولد لیلة فلیقع الشکر ماییناسب اللیل کلا طعام واقیام وان کان ولد نهارا فبما یناسبہ کالصیام ولابدان یکون ذالک الیوم من عدد ایام الشهر بعینہ حتیٰ یطابق قصہ موسیٰ علیہ السلام في یوم عاشورا.اھ.

وفي تذکره المحبین ومن آداب المحب لهذا النبي الکریم صلي الله علیہ وآلہ وسلم ان یکون معظما للیلة میلاده والیوم الذي اظهره السرور والبشارة في تلک اللیلة وصبحیتها الخ وقال الحافظ جلال الدین السیوطي رحمۃ الله تعالیٰ علیہ في وظائف الیوم واللیلة وعمل المولد کل سنة في ربیع الاول استبشار او سرورا بمولد النبي صلي الله علیہ وآلہ وسلم حسن محمود. اھ.

وقال الشیخ برهان الدین الجعبري في موعد الکرام حق علي کل انسان من امتہ والداخل في ملتہ النتویہ لهذا المولد السعید في کل عام جدید واولیٰ ماکان هذا التنویہ في هزا الشهر الظاهر فیہ. اه. وفي مجموع الروایات ان اراد ان یتخذ الولیة فلیتخذ بادراک یوم موتہ.الخ

وهکذا في توضیح الهدي باعمال التقي للشیخ احمد بن محمد الفاروقي وفتاویٰ الطنبداوي و نقل الشیخ محمد عادب السندي رحمتہ اللّٰہ تعالیٰ في رسالتہ عن کتاب الشمالي ویوم مولده صلي اللّٰہ علیہ وآلہ وسلم ذبح ابوبکر صدیق رضي اللّٰہ تعالیٰ عنہ ماۃ ناقۃ وتصدق بها وتصدق ابوهریرۃ رضي اللّٰہ تعالیٰ عنهفي ذالک بثلاثۃ. اقراص من شعیر.اه.

(۲): وفي الحصن الحصین وینبغي لمن کان لہ ورد في وقت معلوم من لیل اونهار وعقیب صلواۃ اوغیر ذالک ففاتہ ان یتدارک ویاتي اذا امکنہ ولایهملہ لعیتاد الملازمتہ علیہ. ولاتساهل في قضائۃ.اه.وقال العلامۃ

القاري في شرح المسمیٰ بالحزر المتين اي فيودي ايضا الي ترک ادائہ ولا يعبد ان يفال ان يكون التقدير الي قولہ وقد ثبت في صحيح ملسم عن عمر بن الخطاب رضي الله تعالیٰ عنہ من نام عن حزبہ او عن شئي منہ فقراء مابين الفجر وصلواۃ الظهر كتب لہ كانما قراء من الليل.اھ.

(ف):- اتان پڌرو آهي تہ تعين امور خير پوءِ ورد مقرر هجي يا غير ان جو، مطلوب ۽ مرغوب فيہ آهي، نہ محذور ۽ ممنوع. وقت گسڻ سان بہ قضا مافات كرڻ گهرجي.

(٨): حضرت شاھ ولي الله رحمتہ الله تعالیٰ سر الانتباھ ۾ فرمائن ٿا "كنت اصنع في ايام المولد طعاما صلة بالنبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم فلم يفتح لي في سنة من السنين شئي اصنع بص عطاما الا حمصا ملقيا.فقسمت بين الناس فرايتہ صلي الله عليہ وآلہ وسلم وبين يديده الحمص متبهجا بشاشا.اھ.

(٩): شاھ عبدالعزيز قدس سره جواز عرس ۾ گفتگو ھلائيندي تعين ابت لکن ٿا ”وتين روز برائي آنست ڪ آن مذکر انتقال ايشيان ازدار العمل بدار الثواب والا بهتر روز ڪ اين عمل واقع شود موجب فلاح ونجات ست.الخ“.

يعني آئون ولادت باسعادت جي ڏينهن ۾ حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي رضا طلبي لاءِ هميشہ طعام تيار ڪري خيرات ڪندو هيس. پوءِ هڪ سال تي مون وٽ طعام تيار ڪرڻ لاءِ موجودات نہ ٿي مگر ڪجهہ پڳڙا ورهائي ڏنم. پوءِ حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي زيارت کان مشرف ٿيس ڏٺم تہ اوهي پڳڙا سندن آڏو رکيل هوا ۽ پاڻ ڏاڍا ۽ راضي هوا.اھ.

(ف):- هاڻي تہ تعين جي بدعت اوهانجي مسلم مشائخن اساتذہ الاساتذة جي گهرن ۾ بہ ڪاهي پئي.

پاڻ لاءِ لکڻ جو هنڌ ڳوليو. ياوري سندن اقوال ۾ين تي حجت بنائڻ لاءِ نقل ڪندا رهو. باقي پاڻ تي دليل ٻڌجڻ وقت انڪار ڪندا وجو. مختلف اقوال ۾ خيار تعين جا مالڪ تہ اوهين آهيو جيئن اوهان جي ڪاميٽي جي ڪن معتمد عليہ ممبرن عگر منصوص مسائل ۾ اختلاف اقوال مجتهدين ڪرام وقت اهو رويہ جائز رکيو آهي.

(١٠): حضرت شيخ عبدالحق دهلوي رحمتہ الله تعالیٰ جو رايو بہ ٻڌو. "حيث قال في ڪتابہ المسمیٰ بہ" ماثبت بالسنہ "لازال اهل السلام يحتفلون بشهر مولده صلي الله عليہ وآلہ وسلم ويعملون الولائم ويتصدقون الیٰ قولہ فرحم الله تعالیٰ امرا اتخذ ليالي شهر مولده المبارڪ عياد اليڪون اشد علة ملیٰ من قلبہ مرض وعناد.الخ". يعني تہ هميشہ ڪان وٺي اسلام وارا ماڻهون حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ولادت باڪرامت واري مهيني ۾ مجلسون برپا ڪندا ۽ خير خيراتون ۽ خوشيون ملهائيندا رهن ٿا. الله تعالیٰ

انهي شخص تي رحم فرمائي سال جيڪو ولادت شريف جي راتين کي عيد ڪري ملهائي. تان تہ جن جي قلب ۾ مرض ۽ عناد آهي تن جي اندر جي ساڙ واري بيماري وڌندي رهي.

(ف):- مولوي صاحب! تعين کي حرام چاڻندڙن لاءِ شيخ صاحب قدس سره جي فتویٰ ٻڌئي؟ چئي تہ سندن دلين ۾ ڳجهو مرض ۽ عناد آهي تنهن ڪري عرس شريف جي راتين کي خوب عيد ڪري ملهايو تہ حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي معاندن ۽ بي ادبن جون دليون سڙن ۽ سندن ڇاتي مگ ڏرجن. مولوي صاحب! خدارا انهي فرقي جي تائيد نہ ڪيو جي حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي سان رفعت ۽ شرعي مجلسن سان بہ سڙي پڇي پون ٿا. محمد بن عبدالوهاب نجدي وانگر منہ توحيد جي حمايت جو ۽ اندر ۾ بغض سيد الانبياءِ والمرسلين صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو. بهتر آهي تہ اهڙيون مجلسون شرعي انداز سان قائم ڪرائي "من سن سنة

حسنة” الخ جي بسارت جا مستحق ٿيو. نہ تہ بہ ان تي اعتراض ۽ گستاخي ڪري ڪي شعائر الله جي بي ادبن واري لسٽ ۾ نہ لکرايو. قال تعالىٰ ومن يعظم شعائر اللّٰه فانها من تقوي القلوب ولاشڪ ان النبي الڪريم صلي اللّٰه عليہ وآلہ وسلم من اعظم شعائر اللّٰه فيجب تعظيم الاشياءِ المنسوبتہ اليہ ڪما قال بہ المولوي محمد اسماعيل ايضا في ڪتابہ الصراط المستقيم. صفحہ ١٦.

من آنچہ شرط بلاغ است باتو مي گويم
تو خواہ از سخنتم پندگير خواہ ملال

يارهين بات بہ ساڳي ڪتاب ۾ شيخ محدث دهلوي قدس سرہ پنهنجي شيخ عبدالوهاب التقي المڪي قدس سرہ ڪان نقل ڪري ٿو تہ ”ان ذالڪ من طرق المشائخ وعاداتهم ولهم في ذالڪ نيات فاقطعوا النظر عن تعين اليوم ولہ نطائر ڪما فحة المشائخ بعد الصلواة وڪالا ڪتحال يوم عاشوراءِ فانهسنة علي

الاطلاق وبدعة من جهة الخصوصيتہ الیٰ ان قال في آخر الجواب لم يكن في زمن السلف شئي من ذالك وانما هو من مستحسنات المتاخرين.اھ“.

مولانا محدث دهلوي ۽ سندس امام عبدالوهاب رحمهما الله تعالیٰ تہ باوجود اعتراف بدعت عاديہ هجڙ جي يارهين ۽ عرس شريف کي مستحسن ٻڌائن ٿا ۽ تعين کي مستلزم حرمت ڪراهت جو نہ ڄاڻي ان کان قطع نظر جو امر ڪن ٿا. جنهن مان اچوکن بندن جو خود ساختہ قانون درهم برهم ٿي وڃي ٿو. پوءِ لکو انهن بزرگن تي بہ فتویٰ تہ معاذ الله هوبہ بدعت جا طرفدار آهن. ”تلك عشرة كاملتہ ولدينا مزيدناتي بتفصيلہ الجزيل عند الصرورة بتوفيق الملك المجيد الجليل“. باقي اوهانجو وهم تہ عوام انکي فرض واجب سمجهندا سو محض خناس جو وسواس آهي. جنهن اوهانکي وکوڙي ورتو آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ مولوي رشيد احمد صاحب بہ دبيل زبان سان يارهين کي جائز چوندي انهي خيال کان متاثر ٿي عوام جو

خوف پڌرو ڪيو اٿس ۽ چيو اٿس تہ"ايصال ثواب کی نیت سے گیارھویں و توشه کرنا درست ھے مگر تعین یوم و تعین طعام کی بدعت اسکے ساتھ ہوتی ھے اگرچہ فاعل اسکو ضروری نہیں سمجھتا مگر دیگر عوام کو موجب ضلالت کا ہوتا ھے-الخ".خير هن مان هيترو تہ ثابت ٿيو تہ تعين کي ضروري سمجهڻ مولوي صاحب وٽ برو ۽ بدعت آهي، نہ پاڻ تعين. حققناه من قبل.پر عوام ۾ لزوم جو اعتقاد آهي يا ٿيڻ جو خوف آهي تنهنکري اهڙي خيرات بند ٿيڻ گهرجي.

هي ضعيف ٿو چوي تہ ايهو اعتقاد فعل قلب جو آهي، زبان ترجمان قلب. انهن خيراتن جي لزوم ۽ وجوب جو ڪوبہ مسلمان قائل ڪونہ ٿيو آهي. جي ٿيو آهي تہ اهڙي ڪا فتویٰ يا قول پڌرو ڪري ڏيکاريو. باقي دلين جي رازن معلوم ڪرڻ لاءِ اوهان ڪو جلاسيس القلوب تہ ڪونہ آهين. فهلا شققتم قلوبهم؟ صراحت نہ تہ بہ ڪا امارة قطعيہ ئي اهڙي اعتقاد لاءِ هٿ لڳي هجيو تہ پيش ڪري ڏيکاريو. چوٿون حرمت لاءِ دليل

قطعي جي ضروت آهي.جيئن اثبات فرضيت لاءِ. اوت ۽ واهمن کي هن ۾ ڪوبہ دخل ڪونہ آهي. جن ڳالهين کي توهان امارة سمجهيو آهي سي ڪي جڙتو ۽ بي بنياد ۽ ڪي اهڙي اعتقاد کي غير مستلزم رڳا اجايا خيال ۽ واهمہ آهن. اهڙن خيرات ڪندڙن کي رڳو محبت اولياءِ ڪرام ۽ ايصال ثواب جو خيال هوندو آهي. جو اوهان ڦي نهن ٻنهي سان چڙ آهي. چوتہ اوهان جا متقدمين نجديہ پارٽي ان ڦي ڪفر شرڪ سمجهندا آهن. پوءِ توڙي تقية توهان ان کي جائز چئو. مگر هاڻي لڪڻ سان لڪ نتو ٿي سگهي. پنهنجي شيخ عبدالوهاب نجدي ۽ انجي ڪتاب التوحيد جي تعريف توصيف ۽ رطب اللسان رهڻ ۽ ان جي ترجمہ وغيره سان سندس مضامين جي اشاعت ڪرڻ ئي اوهان جي جماعت کي بر سر نيشان بيهاري ڇڏيو آهي.

اي چند لاف ز زهد و مقام خويش
در دامن تو اين همہ داغ شراب چيست

اچ تہ وري بہ ان لاءِ توکي حضرت شاھ والا پائگاھ شيخ عبدالعزيز قدس سره کان بہ شاهدي وٺي ڏيان. پاڻ مطاعن مولوي عبدالحکيم پنجابي جي جواب ۾ لکن ٿا. "فقول: بزرگان خود آه اين طعن مبنی است برجهل باحوال مطعون عليه زيرانکه غير از فرائض سرعيه هيچ کس فرض نمی داند۔آری زيارت قبوروتبرک بقبور صالحين وامداد ايشيان بامداد ثواب تلاوت قرآن و دعاء خير و تقسيم طعام و شيرينی امر مستحسن و خوب است باجماع علماء۔ وتعين برائے آنست که آں روزمذکرانتقال ايشياں می باشداه".

پاڻ اوهان جي نقل کيل عبارت حضرت شاھ صاحب قدس سره مان بہ پڌرو آهي تہ رسم و رواج ۽ رياءَ نمود کري خيرات کيل جو ثواب نہ ٿيندو. پر توهان جي کفر ۽ شرڪ جا انبر اچي گڏ کيا هيا اهي کٿان ثابت ٿيا؟ رسم رواج ۽ رياءَ سان خيرات جي تخصيص ڪهڙي آهي؟ پاڻ ڪنهن جي نماز ۾ ايهي عوارض

لاحق ٿيندا تہ اتي بہ ثواب کان محروم بلڪ وعيد شديد جو مستحق ٿيندو.
پر جي سچ پڇو تہ مخدوم مرحوم فضل الله پاٽائي قدس سره جو چوڻ لکڻ صحيح آهي تہ تعين زمان صدقہ ۽ خيراتن جي ادا ڪرڻ جو ممد ۽ معاون ۽ مذڪر آهي. جن تعين کي چڏيو تن اڪثر صدقہ ۽ خيرات کي صفا ڇڏي ڏنو. ڇا محرر ۽ سندن همنوا ٻڌائيندا تہ اوهان يا اوهانجي جماعتي ڪڏهن بہ بنا تعين جي ايصال ثواب جي نيت سان اهڙي خير خيرات ڪڏهن بہ ڪئي آهي؟ جي نہ ۽ پڪ تہ پوءِ چونہ مسلمانن کي حق ملڻ گهرجي تہ اوهان کي معتزلن جو ڀاءُ سمجهن. ننڍو جهڙي طرح شرڪ ۽ ڪفر جي فتوىٰ عام مسلمانن تي جاري ڪرڻ سان خارجين جي برادري اوهان کي نصيب ٿيل آهي (رد المختار باب البغاة) جو معتزلا اصل ايصال ثواب جي انڪار ڪري چوندا آهن تہ ليس للانسان الا ماسعىٰ. جيئن ڪيترا اوهان جي ڪاميٽي جا ممبر سچ پچ اهڙن عقيدن کي

بمع استدلال مذڪور جي جي شايع ڪري ان حقيقت تان پردو ڪٽي ڇڏيو اٿن. اهڙي طرح خارجين ڪي بہ پنهنجي معڪوس قلب جي آهيني ۾ پنهنجي جماعت کان سواءِ ٻي ساري اسلامي دنيا ڪفر ۽ شرڪ ۾ ئي مبتلا نظر ايندي رهندي آهي. اوهان بہ گوڪ پنهنجي زبان سان انهن فرقن کان بيزاري ڏيکاريو مگر عمل سان ثابت ڪري رهيا آهيو تہ

منڪر مي بودن وهم رنگ مستان زيستن

هاڻي وري انهن مجلس جي قائم ڪندڙن ڏانهن بہ نهاري ڏس تہ ڪير ڪير آهن. ۽ اوهانجي پارٽي جي حلمن ۽ جهلن ۽ شرڪ بدعت جي فتوائن جو وار ڪنهن ڪنهن تي پوي ٿو تہ پلي اوهان کي معلوم ٿئي

حمله بر خود ميکنى اى ساد مرد
همچوں آں شيرے که بر خود حمله کرد

جناب شاهہ ولي الله قدس سره جو حال (حوالہ نمبر ٨) صفحہ "٨" ۾ پڙهي ڏسئي تہ کيئن نہ عرس جي خيرات معين وقت تي ڪندا رهندا هيا. پيو ڪجهہ بہ ميسر نہ ٿيو آهي تہ پڳڙا ونڍي خيرات ڪري پنهنجو مقرر وظيفو ادا فرمايو اٿن. مولانا شاهہ عبدالعزيز قدس سره هڪ سائل جي جواب ۾ فرمائن ٿا "در تمام سال دو مجلس در خانہ فقير منعقد مي شود مجلس ذڪر مولود شريف و مجلس ذڪر شهادت حسنين رضي الله تعالىٰ عنهما.الخ". هاڻي توهان انصاف ڪيو تہ تعين عرس شريف وغيره جي بدعت تي ڪهڙا ڪهڙا عالم ڪامل فاضل شخص عمل پيرا آهن. جن ڦي عوام جي اعتقاد التزام مالايلزوم جو خوف بہ دامنگير ڪونہ ٿيو آهي. پر اجان مولانا عبدالله صاحب داماد مولوي محمد قاسم نانوتوي باني دار العلوم ديوبند جي شاهدي بہ پڙهو ۽ اڳين ديوبندي علمائن ۽ پوين جي وچ ۾ فرق عظيم ملاحظ ڪيو تہ "تفاوت راه ست از ڪجا تا بڪجا. پاڻ رسالہ الدر المنظم

تاليف جناب شاه والا جاه مولانا عبدالحق مهاجر مكي شيخ الدلائل في الحرم المنيف جي تقريظ ۾ لکن ٿا:-

"جو کچھ مصنف مدظله نے جواز میلاد فخر عباد میں تحریر فرمایا ھے وھي مسلک قولا و فعلا هندوستان کے مشاهیر علماء کا سلف سے لیکر خلف تک رها ھے۔ چنانچه مولانا شاه عبدالحق دهلوی وحضرت مولانا شاه ولی الله محدث ومولانا شاه عبدالعزیز صاحب محدث دهلوی ومولانا مولوی احمد علی محدث و مولانا مفتی عنایت احمد محدث ومولانا عبدالحی رحمهم الله تعالیٰ واستاذنا مولوی محمد لطف الله و مولانا مولوی ارشاد حسین و مولانا الحافظ الحاج ملا نواب سلمهم الله تعالیٰ کا اسی پر عمل رها۔اور نیز زبدة الفضلاء او استاد العلماء مولانا مولوی محمد یعقوب صاحب مرحوم مدرس اعلیٰ مدرسه دیوبند خاص دیوبند میں بارها محافل میلاد میں شریک هوئےاور بحالت قیام قاری وسامعین قیام بھی کیا اور فرمایا که اگرچه اسکی اصل جیسی که چاهیے نهیں، پر جبکه تمام مجلس ذکر ولادت کی تعظیم کو اٹھ هو ایسی حالت میں قیام نه کرنا سوء ادبی سے خالی نهیں۔چناچه مولانا مخدومنا کے اس قول اور فعل پر بهت سے

شاگرد رشید وباشندگان شھر شاھد ھیں۔ماسوا اسکے سلالہء خاندان مصطفوی جامع الشریعة والطریقة حاجی سید محمد عابد مھتمم مدرسہ دیوبند نے خاص مولانا ممدوح سے اپنے مکان پر ولادت شریف بطریق وعظ کرایا اور شرینی بھی تقسیم فرمائی، اور نیز کھف الفضلاء مولانا مولوی محمد قاسم صاحب رحمة اللہ تعالیٰ علیه ناظم مذکور کی زبانی کرة مرة سنا گیا ھے۔اور خاص مولانا بھی بعض جگه محفل میلاد میں شریک ھوئے۔چناچه پیر واجد علی صاحب دیوبندی جو مولانا کے مرید اور مولود خواں ھیں اس امر کے شاھد ھیں۔پس یه جو بعض اشخاص بلا تحقیق اھالیان مدرسه دیوبند کو اپنی تحریر میں مانعین ذکر ولادت باسعادت ٹھھراتے ھیں سراسر بیجا اور اتھام ھے۔جسکو کچھ بھی عقل ھوگی سمجھ لے گا که اھل مدرس میں سے مدرس اعلی و مھتمم ومدیر مدرسه کے اقوال وافعال کا اعتبار ھے یا ھرسفیه کے ھفوات۔اھ"

هن بيان مان كالشمس في نصف النهار چٽو آهي تہ :

(١): اڳيان سربرآورده ديوبندي علماءَ جي ديوبند کي واقعي ويدبند ڪري ان کي معراج ترقي تي پهچايو

سي سڀ عرس جي مجلسن ۾ شامل ۽ انهي مجلس جي خيراتن بلڪ قيام تعظيم کي بہ مستحسن سمجهي انهي فعل خير جا آمر ۽ عامل رهيا آهن. بدعت محرمہ يا شرڪ ڪفر جي فتوىٰ تہ نعوذ بالله تعالىٰ نهايت پري رهي.

(٢): جي ديوبند افراد پوءِ آيا ۽ تاويلات غير مرضيہ سان اهڙن مجلسن تي حرام هجڻ جي فتوىٰ ڏنائون تن کي بيدار مغز ديوبند علمائن سفاهة دانهن منسوب ڪدي سندن قول کي هفوات سمجهي اڳين بزرگن جي مقابلہ ۾ رتي برابر بہ وزن ڪونہ ٿا ڏين.

مولوي صاحب! جي تون بہ سچو ديوبندي آهين تہ ”لقد ڪان لڪم اسوة في اسلافڪم“ پوءِ حق جي اعلان ڪرڻ ۾پس پيش نہ ڪر ۽ جي بقول مولوي عبدالله صاحب سفيهن جي گروه ڏانهن مائل آهين تہ پوءِ پلي پيو تعين جا بهانا ۽ عوام ڪالانعام جي قول فعل جا عذر وٺيون حرمت ۽ شرڪ جون فتوائون جاري ڪر. پر

متين عبارت پڙهي ڏيان ڪري ڏس تہ انهي فتوىٰ سان متان پنهنجي پيشوائن تي وار ڪري پنهنجي پيرن تي ڪهاڙو هڻي ويهين، ۽ قيامت جي جوابداري ان ڪان علاوه. وماعلينا الا البلاغ

مانــونہ مانــو مشفق مـــن اختيار هي
هم نيڪ وبد جناب ڪو سمجهائي جاتي هين

۽ هي جو اوهان حديث صوم عاشوره ۽ مسجد شريف قبا ڏانهن .... جي جواب ۾ لکيو آهي تہ تعين من عند الرسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم تي انهن مفاسدن لازم نہ اچڻ واري حالت ۾ صدق دل سان يقين آهي. تنهن ۾ اوهان ٻن وجهن ڪري غلطي ڪاڏي آهي:

(١).. تہ تعين من عند الشارع جي ثبوت بعد مفاسد لاحق ٿيندا تہ انهن مفاسد جي دفع ڪرڻ لاءِ حڪم وارد ٿيل آهي، نہ تعين ثابت ڪي حرام بدعت سڏيندي بند رکڻ جو. ڪما تحقيقہ بما يشفي العليل ويروي

الغليل. ويؤيده مافي الدر المختار وكره الصلواة مع شروق الا العوام فلا يمنعون من فعلها لانهم يتركونها والاداءُ الجائز عند البعض اوليا من الترک. اه. وفيہ ايضا وان تنفل بعدها في البيت جاز بليندب وهذ اللخواص اما العوام فلا يمنعون من تكبير ولا تنفل اصلا لقلة رغبتهم في الخيرات بحر.اه.مخلصا.

ج ١، صفحہ ٧٧٨

يعني تہ سج ايرڻ مهل نفل پڙهڻ ، ۽ نماز فطر كان اڳ تكبير چوڻ يا نفل پڙهڻ كراهت آهن. پر خاص ماڻهن لاءِ باقي عام ماڻهن كي انهن جي منع نہ كبي چاكاڻ تہ كين نيک كم كرڻ جي گهٽي رغبت كانہ هوندي آهي. تنهن كري جيكو چڱو كم هنن كان ٿيو تہ چڱو. توڙيک مع الكراهت هجي. ورنہ هو صاف طرح ترک كري ڇڏيندا.اه.

اتان معلوم ٿيو تہ فقهاءِ كرام كراهت مجاوره وارن امرن ۾ بہ عوام كي منع كان منع ٿا فرمائن. تہ اصل اصل مستحب ۽ مستحسن كم ڇڏي نہ ڏين. اوهان

وٽ وري ابتو معاملو آهي جو استلزام مالايلزم جي واهمہ تي واهمہ تي جو درحقيقت بقول شاھ عبدالعزيز قدس سره رڳو ڪوڙ ۽ حقيقت جي برخلاف آهي، اصل خيرات کي ناجائز ۽ حرام وينا ٻڌايو. بلڪ هڪ طرف هي تہ خواص لاءِ چار ناچارجواز جا اقئل، باقي عوام کي صفا حرام جي فتوىٰ. ايهو ننڍا ڄاڻن تہ انهن خيراتن جي تاريخ تبديل ۽ منسوخ ڪرڻ ڪرائڻ سان اصل خيرات جي ترڪ جو ظن عالب آهي. عوام تہ عوام پر اسان مٿي ڏيکاريو آهي تہ مانعين تعين مولوين کان پڇيو تہ توهان ڪڏهن تاريخ مٽائي بہ اهڙيون خيراتون ڪيون آهن؟ جواب نفي ۾ ايندو ۽ مشهور مقولہ صحيح نڪرندو تہ

چشم مورپا ماروخير ملا ڪس نديد

(٢).. تہ ايها تخصيص جن امرن ۾ تعين من عند الرسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم ثابت آهي تن ۾ جائز، باقي ٻين امورن ۾ اوهان تعين کي بدعت ۽ حرام جو مستلزم ڄاڻو سا نهايت تعجب خيز ڳالهہ آهي

۽ اوهانجي فقاهت ۽ اصول فقہ کان نابلدي تي دال آهي.

مولوي صاحب! تو تعين کي اول تحرير ۾ علت حرمت ۽ ڪراهت جي متعين ڪري آيو آهين ۽ اسان پنهنجي تحرير ۾ انهن حديثن شريفن مان تعين هوندي تعين هوندي بہ ڪراهت حرمت جو حڪم مرفوع مدفوع اجان بہ سنت ۽ استحبا ڏيکاري تنهنجي دعوىٰ جو نقص ثابت ڪيو هيو، ۽ معلوم غير مکترم آهي تہ حڪم جي اثات ۽ رفع جو دارومدار علت تي هوندو آهي جي حڪم علت سان دائر نہ آهي تہ اها علت ئي نہ آهي. پوءِ جڏهن تعين جي وجود هوندي نصوص مذڪور ۾ حرمت يا ڪراهت ڪانہ لڏي ۽ خصوصيت ماده بہ مفقود تہ پوءِ اوهانجو نظريہ نہ تعين مستلزم ڪراهت يا حرمت آهي مردود ٿي ويو.

وهو المقصود. ڪيڏي نہ زبردستي ۽ تعسف آهي جو بوجوديڪ حديث شريف ۾ علت تعين جي صراحت بہ منصوص آهي تہ ”فصام موسىٰ عليہ السلام شڪرا “

۾ حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم بہ ساڳي علت سان انهي تعين کي قائم رکي روزو رکيائون.جيئن شرح معاني الآثار مان گذريو تہ”وان رسول الله صلي الله عليه آله وسلم ايضا صامه كذالك“ تہ بہ تحڪم سان ڪاص حديث شريف سان حڪم مخصوص رکي ساڳي علت بي عبادت جي تعين ڏانهن جواز جي حڪم متعدي هجڻ جو انڪار ڪيو وجي تو. فقهاءُ ٻلي جي اوبر لاف ”انها من الطوافين عليكم“ جي نص مان نجاست جي علت ”طواف“ مقرر ڪري ”سواڪن البيوت“ جي اوبر لاءِ ساڳي علت سان ساڳو حڪم جاري ڪن ٿا. حديث شريف ۾ جو ”جماع عمد“ کي موجب ڪفارة فرمايو ويو تہ ان مان ”لفساد صوم عمدا“ کي علت نهرائي ڪائڻ پيئڻ سان ڪفارة لازم ڪئي وئي. ٻيا بہ انجا هزارين مثال آهن جن ۾ علت منصوص يا متيقنہ سان حڪم جي نعدية مسلم رکي وئي آهي. بخاري شريف جا تراجم الابواب اهڙن

مسائلن سان پريا پيا آهن. علامہ همايوني رحمتہ الله تعالي عليہ يارهين جي جواز لاءِ ساڳي قانون سان تعين صوم منصوص مان استدلال فرمائيندي لکي ٿو تہ:

"بتاريخ يازدهم خيرات کردن شير وغيره جائز است۔چراکه مشروعيت نفس خيرات بنص قرآن ثابت ست۔قال الله تعالیٰ ومما رزقناهم ينفقون۔ وخاص کردن يکے روز جهت امر خير وعبادت هم جائزست"

"قال فی الدر و النفل فيه احب ای افضل ان وافق صوما يعتاده۔اه ۔ وفی رد المختار کما لوکان عادته ان يصوم يو الخمس او الاثنين فوافق يوم الشک سراج۔اه۔

مولوي صاحب! اهل اصول جو اصل محکم آهي تہ

"العبرة لعموم اللفظ لالخصوص السبب الا ان يكون النص في مادة مخصوصة". شيخ عبدالحق دهلوي ۽ جناب شاه ولي الله قدس سره ۽ مولانا شاه رفيع الدين صاحب ۽ جناب حضرت ساه عبد العزيز قدس سره جهڙن متبحر عالمن بہ ساڳين حديثن مان جواز تعين تاريخ عرس وغيره

تي دليل ورتو آهي، ۽ زمان سيال غير قار جي اعتراض جو جواب ڏيندي مخالفن جا شڪ شبهه دفع ڪيا اٿن.جن جا نقل طوالت پاران موقوف رکيسندن گذريل عبارتن تي اڪتفا ڪجي ٿي. وعليڪ بالمراجعتہ الي تحريراتهم.

پوءِ انهن علمائن جي مقابلي اوهان جهڙن عبدالوهاب نجدي جي مريدن ڪي ڪير ٿو پڇي؟ جو خوامخواه معتدي احڪام مورد نص تي موقوف رکيوتو عام طرح حرام ۽ شرڪ جو فتوائون ڪندائيندا. هالانڪ توهانجو مبلغ علم هي آهي جو عدم تعديہ جي دعوىٰ هوندي بهتوهان پاڻ ابن مسعود رضي الله تعالىٰ عنہ جي اثر مان جو نماز ۾ وارد ٿيل آهي خيراتن ۽ ٻين احڪامن ڏانهن متعدي ڪري ويا آهيو. پوءِ جي ڪو ٻيو اوهان کي چوي تہ ميان ايهو نص تہ ڪاص انصراف عن اليمين جي باري ۾ وارد ٿيل آهي، يارهين جي تعين سان انجو ڪهڙو واسطو؟ تہ اوهان

ان جو قول قبول كندا يا رد؟ آنچہ بخود نہ پسندي بديگران مہ پسند.

قولہ: صغري كبريا ملائڻ مان نتيجو ظاهر.

اقول: تڏهن ”تدمر كل شئي“ ۽ ”اوتيت من كل شئي“ جي كليت مان بہ اهڙو نتيجو كڍندين جهڙو هت. ايهو بہ ٻڌايو تہ قول فاروق رضي الله تعالىٰ عنہ جو تہ ”نعمت البدعة هذه“ بہ انهي كليت ۾ داخل آهي يا نہ؟ جي داخل كندين تہ پنهنجي ايمان جو وجي خير گهر چوتہ تنهنجي ايها كليت سيني اصحابن كرامن تي حملو كري رهي آهي، ۽ جي نہ كندين تہ جنهن دليل سان اوهان انهي بدعت كي بدعت حسنہ ۾ داخل كيو ساڳي ئي دليل سان عرس جو اجتماع ۽ يارهين جي خيرات ۽ تعين ايام بة رغم انفكم بدعت بدعت حسنہ ۾ اچي داخل ٿيندا. ”فلا مفرلكم من احدي البليتين وقد مر عن المرقاة انه كان عمر رضي الله تعالى عنه ممن نبه عليها وسنها علي الدوام فله اجرها واجر من عمل بها اليا يوم القيامة.اه“.

انصاف تہ تراويحن ۾ تعين بهيئة كذائية جي بعت سان حضرت عمر رضي الله تعالیٰ عنہ لاءِ تہ بدعت حسنہ بڻجي اجرها واجر من عمل بها الخ جو ثمرہ پيدا كري ۽ بين خيرات جي رسم پيدا كندڙ لاءِ پوءِ توڙي اهي خيراتو ثابت الاضل هجن ”في النار“ جي كلية ۾ داخل كرڻ جو حكم جاري كيو وجي.

تنبيهہ :- هي كلام نفس مجالس ميلاد ۽ خير جي كمن لاءِ تعينن ايام بابت آهي. پر جي انهي تي كي مجهول ماڻهون كي غير شرعي كم جيئن تہ سرود يا نوچيون گڏ كرڻ يا مردن ۽ عورتن كان شعر چوائڻ، زالن مردن جو يكجاءِ گڏ ٿيڻ، ميلا ملاكڙا لارائڻ وغيرہ اضافہ كن تہ انهن فعلن تي اسين بہ قبيح مذموم ۽ واجب الترك والرفع ڄاڻون ٿا ۽ پيئون يا. مگر انهن قبحن جي مجاورة كري نفس مجلس ميلاد يا يا تعين اوقات صدقات و خيرات تي حرمت ۽ عدم جواز جي فتویٰ ۽ مرتكب تي شرك جو حكم

ڪرڻ سراسر غلط ۽ زيادتي ٿا سمجهون. شادي جي وليمن جي مجلسن، ۽ عقيقہ طوهر وغيره جي رسمن ۾ اجتماعن ۾ اهڙا قبح بي تعداد ڪاهي پيا آهن. پر انهي ڪري وليمہ يا عقيقہ وغيره ڪي ڪوبہ حرام ڪونہ ٿو چوي. بلڪ قباحت مجاوه جي رفع دفع جي ڪوشش ورتي وجي ٿي. تراويحن جي اجتماع ڪيترن ماڻهن ڪي رسومات اضافہ ڪيون آهن. خصوصا ختم جي رات. پوءِ انهن مفاسدن ڪري تراويحن جو اجتماع بہ حرام نهرائي بند ڪري ڇڏيون ڇا؟ انهي جو علاج دفع مفاسد آهي نہ حرمت ۽ ڪفر جو افتراء.

ولعلك تعلم مما القينا عليك من الامثلة المذكورة تزييف قول المولوي اشرفعلي الذي مر ذكره سابقا فتذكرو كن من الشاكرين.

تمت بالخير

جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

http://www.qasimia.org